SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 2012
# SINDH ACT NO. I OF 2012

# سنڌ ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) (ترميم) ايڪٽ، 2011

# THE SINDH CRIMINAL PROSECUTION SERVICE (CONSTITUTION, FUNCTIONS AND POWERS) (AMENDMENT) ACT, 2011

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 2010 جي دفعہ 6 ۾ ترميم
Amendment in section 6 of Sindh Act No. IX of 2010
3. سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 2010 جي دفعہ 6 ۾ ترميم
Amendment in section 6 of Sindh Act No. IX of 2010
4. سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 2010 جي دفعہ 7 ۾ ترميم
Amendment in section 7 of Sindh Act No. IX of 2010
5. سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 2010 جي دفعہ 18 کي حذف ڪرڻ
Omission of section 18 of Sindh Act No. IX of 2010

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2012
# SINDH ACT NO. I OF 2012
# سنڌ ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) (ترميم) ايڪٽ، 2011
# THE SINDH CRIMINAL PROSECUTION SERVICE (CONSTITUTION, FUNCTIONS AND POWERS) (AMENDMENT) ACT, 2011

[2 جنوري 2012]

ايڪٽ جنهن جي ذريعي سنڌ ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) ايڪٽ، 2009 ۾ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار)ايڪٽ، 2009 ۾ هيٺين ڄاڻايل طريقي سان ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن ڪري هن طرح سان نافذ ڪيو ويندو؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) (ترميم)، ايڪٽ 2011 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

2. سنڌ ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس (جوڙجڪ، ڪم ۽

اختيار) (ترميم)، ايڪٽ، 2009 ۾:

(i) دفعہ 5 جي لاءِ هيٺيون ڄاڻاءِ متبادل هوندو.

"(1) سواءِ ان جي تہ ڪنهن بہ عدالت بشمول سپريم ڪورٽ، هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن بہ حڪم جي، حڪومت هن ايڪٽ جي مقصدن جي حصول جي لاءِ پراسيڪيوشن سروس خاص نگراني ڪندي.

(2) پراسيڪيوشن سروس جو انتظام حڪومت جي هٿ ويندو.

(3) پراسيڪيوٽر جنرل، پبلڪ پراسيڪيوٽر، ايڊيشنل پراسيڪيوٽر جنرل، ڊپٽي پراسيڪيوٽر جنرل، اسسٽنٽ پراسيڪيوٽر جنرل، ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر، ڊپٽي ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر ۽ اسسٽنٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر پنهنجا فرض حڪومت جي تحت نظام ۽ انتظام جي تحت سرانجام ڏيندا.

(ii) دفعہ 6 ۾۔

(i) ذيل دفعہ (1)، جي لاءِ هيٺيون ڄاڻايل متبادل هوندو:۔

"(1) حڪومت پنهنجي پاران متعين ڪيل شرطن ۽ ضابطن جي تحت پراسيڪيوٽر جنرل، جي عهدي تي مقرر ڪندي ڪندي."

(ii) ذيلي دفعہ (3) جي لاءِ هيٺيون متبادل ٿيندو.

" (3) پراسيڪيوٽر جنرل پنهنجو عهدو غير توسيع بنياد تي ٽن سالن جي عرصي لاءِ رکي سگهي. "

(iii) دفعہ 7 ۾ شق (a) جي لاءِ هيٺيون متبادل هوندو.

" (a) هاءِ ڪورٽ جي جج مقرر ٿيڻ جي لائق آهي يا هيو.

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 2010 جي دفعہ 6 ۾ ترميم
Amendment in section 6 of Sindh Act No. IX of 2010

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 2010 جي دفعہ 6 ۾ ترميم
Amendment in section 6 of Sindh Act No. IX of 2010

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 2010 جي دفعہ 7 ۾

| | |
|---|---|
| يا 10 سالن کان گهٽ عرصي يا عرصي تائين هاءِ ڪورٽ جو وڪيل رهيو هجي. | ترميم<br>Amendment in section 7 of Sindh Act No. IX of 2010 |
| (iv) دفعہ 18 کي ڊاهيو ويندو. | سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 2010 جي دفعہ 18 کي حذف ڪرڻ<br>Omission of section 18 of Sindh Act No. IX of 2010 |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**